SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر LXV مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.LXV OF 1984

سنڌ ثقافتي ترقيءَ جو بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SIND CULTURAL ADVACEMENT BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ XVI مجريہ 1955 جي دفعہ 16_A ۾ اضافو

Insertion of Section 16_A in Sindh Act XVI of 1955

سنڌ آرڊيننس نمبر LXV مجريہ 1984
SINDH ORDINANCE NO.LXV OF 1984
سنڌ ثقافتي ترقيءَ جو بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984
THE SIND CULTURAL ADVACEMENT BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ ثقافتي ترقيءَ جو بورڊ ايڪٽ، 1955 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ وفاقي شريعت ڪورٽ هدايت ڪئي آهي تہ سنڌ ثقافتي ترقيءَ جو بورڊ ايڪٽ، 1955 ۾ تبديلي آندي وڃي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ثقافتي ترقيءَ جو بورڊ ايڪٽ، (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XVI مجريہ 1955 جي دفعہ 16_A ۾ اضافو
Insertion of Section 16_A in

2. سنڌ ثقافتي ترقيءَ جو بورڊ ايڪٽ 1955 جي دفعہ 16 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو.

ڪجهہ سرگرمين تي پابندي هوندي.

”16_A. اهڙي سرگرمي، جيڪا نازيبا هجي يا فحش

Sindh Act XVI of 1955

هجي، يا فحاشي يا بداخلاقيءَ جي ترغيب ڏيندڙ هجي، يا جنسي خواهشن کي اڀاريندي هجي، ان کي هن ايڪٽ جي تحت نہ تہ ان جي سرپرستي ڪئي ويندي يا نہ ئي اها سرگرمي ڪئي ويندي.“

ڪراچي

تاريخ 30 نومبر، 1984

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.